سنڌي اتحاد، ٽڙ ڪانفرنس

مِٿيءَ وارو واقعو

92 ب

۽

وطن دوست انقلابي پارٽي

جو

نقطهءِ نظر

اوسر پبليڪيشن ڪراچي

سنڌي اتحاد، تر ڪانفرنس

ِمٿيئَ وارو واقعو

ص ٩٢

۽

وطن دوست انقلابي پارٽي

جو

نقطهٔ نظر

اوسر پبليڪيشن ڪراچي

ٻه اکر

اڳيئن چيو آهي ته وڏا جيڪي اتحاد لاءِ واويلا ڪندا آهن اُهي ئي اتحاد لاءِ هاڃيڪار ٿيندا آهن. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته جيڪڏهن گهر جي گهر- ڌڻي ڪاڻ هڻن ته ان جو نه ٿو داد ٿئو آهي نه فرياد. جيڪڏهن اتحاد کي ڪاڻ هڻڻ وارا اتحاد جا هڻڻ وارا هوندا ته پوءِ ان کي ڪير بچائي ٿو سگهي.

اتحاد ڪرڻ ڏکيو آهي، جيڪا ڀرپور حقيقت آهي پر اتحاد ڪرڻ سولو به آهي جيڪڏهن ڪجهه ضروري شرط پورا ڪيا وڃن ته. اتحاد جي نفرت ۽ اُن جي خوش اسلوبي سان ڪم ڪرڻ جا ٽي بنيادي شرط آهن:- (الف) عمل جو متوسط پروگرام يعني اهڙو پروگرام جيڪو معروضي حالتن جي صحيح عڪاسي ڪندڙ هجي ۽ اُن تي عمل ٿي سگهندو هجي. (ب) ڀائيوارن هڪٻئي جي حقيقي حيثيت متعين ڪرڻ ۽ ان هڪٻئي اتحاد جي حيثيت جو تعين ڪرڻ ۽ ان کي ان ئي حيثيت ۾ تسليم ڪرڻ.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسندا سين ته مٿيون ٽنهي ڳالهيون به طئه ڪرڻ انتهائي ڏکيو آهي، مثلاً معروضي حالتن کي مد نظر رکي پاڻ ۾ ويهي حقيقت پسندي جي نظريي سان ڏسندا ته ان مطابق پروگرام جوڙي سگهبو. اهڙي طرح سان پاڻ ۾ اتحاد جي صحيح حيثيت ڪرڻ جو سولو ڪم نه آهي.

خاص ڪري اڄوڪي دور ۾ جڏهن اسان جو سماج
دقام گهڻي پيچ ڊاهه جو مثار آهي. ان پيچ
ڊاهه جي نتيجي ۾ طبقا پنهنجي پنهنجي نئين حيثيت
اختيار ڪندا ٿا وڃن. اڳيان طبقا ۾ پرسيت نئين شڪل
اختيار ڪندا ٿا وڃن - انهي ڪري نوان سياسي اتحاد
ٺهن ٿا. سياسي پارٽين جي آپس پوزيشن ۾ تبديلي
اينديون ٿي رهي. معروضي حالتن ۾ تضاد آلٽي پوئتي
ٿيندا رهن ٿا. عالمي ۽ علائقائي حالتن جو اسان تي
گهرو اثر ٿئي ٿو. انهن سڀني ڳالهين ڪري مختلف
ڌرين کي ميدان ۾ ترتيب ڏيڻ، پنهنجي حيثيت
جو تعين ڪرڻ ۽ اتحادين جي حيثيت جو تعين ڪرڻ
۽ اتحادين جي حيثيت کي قبول ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي
پيو ٿو.

سماج ۾ جيتري به تيز شين جي پيچ
ڊاهه آهي، ايترا رستا نا تمام قدر جنهن رفتار سان
پيچن ٿا ان رفتار سان نين شين جي واڌ، نون رشتن
جو جوڙجڪ ۽ نون قدرن جو ٺهڻ نه ٿو ٿئي. هن عمل
جو اظهار دانشورن، سياسي ڌرين ۽ شخصيتن ۾
به ٿئي ٿو. هن ڪري سياسي اڳواڻ نوابزاده نصرالله خان
پيچ ڊاهه کي قبول نه ڪندا پراڻي ڳالهه تي ٻڌل مڙي وڃو
ويهي رهندا ته هو جو ناڪام نه وسندا. پيا خاص
ڪري ترقي پسند ڌرين جي حالت کي بهتر نموني سمجهي
نه سگهڻ اصل مسئلي جي بجاءِ انهن جي عنهه جلوي

ان جي ڪري ڏيک يا منظر کي حقيقت سمجهي ٿا
ويهن، وري اهو منظر جڏهن ڪڏهن نئين روپ ۾ سامهون
ٿو اچي ته واسترا ٿي وڃن ٿا، ڪين پنهنجين اکين تي
اعتبار نه ٿو اچي؛ ان صورت ۾ هو گونگو ٻوڙو ۽ بدتر جو شڪار
ٿين ٿا. سياست وري فلسفي تي عمل جو نالو آهي.
جڏهن کان سڀ سٽاءَ شين جو ادارو
نه ٿا رکون ته ان کان سياست به بدتر جو شڪار ٿي
ٿي. اهي پوءِ ڳالهين ٿا مسئلن کي ٿاڙهي ۽ لڙائي. پنهنجي
موضوعيت پسندي ۽ داخلي ڪمزوري کي لڪائڻ لاءِ ڪندا
چالبازي. اسان وٽ وري پوري سياست جو اڌ ترو
ته اثر آهي جو اسان جيڪڏهن ڪڏهن اتحاد ۾ اچون ٿا
۽ اهي ڪا غير اصولي ڳالهه ٿئي ٿي ۽ مسلسل ٿيندي رهي
ٿي ته اسان کي ... ڪا ڳالهه جي ڪري ان کان الڳ نه ٿيندا اهو ته
نشان اسان تي الزام اچي وڃي. اهڙي ڪري اتحاد جو ... پنهنجي
جاءِ تي ته ... ماحول اهڙو پئدا ٿي جيئن پيو ... جيئن
... الزام اچي. جيئن ... شاهه محمد شاهه ... پليجو
... تي ... پر ... اهي ... لڳي
اهڙي ... اهي ڳالهيون نشاندهي
ٿيون ڪن ٿيون تنظيمن جي ڪمزوري جي. شخصيتن
جي ڪمزوري جي، آئيڊيالاجي جي ڪمزوري جي. ته
ضرور جيڪڏهن هر شيءِ کي ٺيڪ ڏسندا ته اهي
هر شيءِ کي ڏسڻ جو هيٺ ڪندا پر هيٺ کي سڃاڻڻ
جي شيءِ سڃاڻي ٿو. هڪڙو سڃاڻي شيءِ سڃاڻي جي سگهه به-

ي ڏئي سگهي ٿي. اسان جي سنڌي اتحاد ۾ ڪامي؟
اندروني ڪمزوريون هيون. جنهن ڪري اتحاد
حالتن تي اثرانداز ٿي نه سگهيو سگهي پر مٿي
واري ۾ غير اهم ۽ معمولي مسئلن کي به حل-
ڪري نه سگهيو. ان جو نتيجو ڇا ٿيو پليجي صاحب
گڏجاڻين ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو. جويو صاحب پليجي
صاحب تان بيان وٺي نه سگهيو. اسان لاءِ سواءِ
واڪ آئوٽ جي ٻيو ڪو واهه ڪانه هئي. ٻيو فورمس
هميشه مرڪ مان پيدا ٿيندي آهي. اسان وٽ-
به جڏهن سياسي پارٽيون مستحڪم ٿينديون تڏهن
انهن جي ليڊرشپ وڌيڪ اعتماد سان فيصلا
ڪري سگهندي. چالاڪي ۽ چالبازي کان ڪم نه
وٺندي.

ارباب کهاوڙ
7.11.1987
7 نومبر 1987

10 آگسٽ تي مٽي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪانفرنس منعقد ٿي، جيڪا موقع پرست سياست جي دڪان تان بغير ڪنهن نفعي جي نيلام ٿي وئي. ان موقع پرست سياست سنڌي اتحاد جي بقا لاءِ بهرحال سوال پيدا ڪيو.

سنڌي اتحاد
پيش منظر ۽ پس منظر

سنڌي اتحاد لاءِ پليجو صاحب فاضل راهو جي چاليهي تي راهوڪي ۾ اعلان ڪيو. اتحاد جي مانيٽرنگ لاءِ پليجو صاحب محمد ابراهيم جويو صاحب کي پنهنجي طرفان نامزد ڪيو. پر هي ڳالهه الٽي وڃي نه سگهي. وري چيئرمين ”سنڌ هاري ڪميٽي“ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي ملهائي. اتي پليجو پيهر پنهنجي سنڌ کي وڃايو ۽ اهم ڪم سنڌ هاري ڪميٽي جي صدر غلام رسول سهتي جي ذمي ڪيو ته اها مختلف ڌرين کي دعوت ڏئي، اجلاس جي تاريخ ١٧ جولاءِ مقرر ڪئي وئي. جيڪا پليجي صاحب جي ڪراچي ۾ ورتل نئين بنگلي ۾ رکي وئي.

سنڌي اتحاد
پليجي صاحب جي نئين سياست

1979ع پليجي صاحب پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو. ڪارڪنن جو چوڻ هو ته پليجو صاحب پاڻ کي-

گرفتار نه ڪرائي پر رپورٽ تي ڪري تنظيم
جوڙي ۽ تحريڪ هلائي. پر پليجي صاحب جو چوڻ هو
ته هتي وڏو جنگل ٿيڻ وارو آهي. رتوڇاڻ ٿيندي
ماڻهو مرندا. ڪيتريون پارٽيون ختم ٿي وينديون
اڳواڻ مارجي ويندا. اسان وٽ وڙهڻ جيتري —
طاقت ڪانهي. تنهن ڪري مونکي ٽن چئن سالن تائين
جيل وڃڻ گهرجي. اُن وقت تائين ليڊرن ۽ پارٽين-
جو صفايو ٿي چڪو هوندو. پوءِ جڏهن مان جيل
مان نڪري ايندس ته اسان جي طاقت محفوظ هوندي.
اڳواڻي به اسان جي هوندي. هر لحاظ کان اسان فائدي
۾ هونداسين.

پر پليجو صاحب چئن سالن کان مٿي جيل ۾
رهجي ويو:

عوامي تحريڪ جيڪا پليجي صاحب
جي پارٽي هئي تنهن 1983ع واري جدوجهد ۾
حصو ورتو. جيئن ته عوامي تحريڪ جي پنج ڇهه
سؤ ڪارڪن پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو. پر
1983ع واري جدوجهد ۾ جيتري وسعت ۽ گهرائي
هئي اُن جي نسبت سان عوامي تحريڪ جو حصو تمام
گهٽ هو. پر اُن کي جيڪا پبلسٽي ملي سا تمام
گهڻي هئي. اُن جا بنيادي سبب هيٺيان هئا: پهريون
ته عوامي تحريڪ ايم. آر. ڊي جي هڪ ميمبر جي حيثيت
۾ جمهوري جدوجهد ۾ حصو ورتو پر عوامي تحريڪ جمران.

فسطائي ٽولي ۽ خلاف اقتدار جي جنگ ۾ شريڪ ڪانه هئي. حڪمرانن کي اقتدار تان هٽائڻ ۽ پاڻ اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ٻيو اهليت پيپلز- پارٽي وٽ هئي. تنهن ڪري حڪمرانن پيپلز پارٽي جي اهميت گهٽائڻ خاطر عوامي تحريڪ کي وڌيڪ پبلسٽي ڏني. عوامي تحريڪ مان ڪين ڪو خطرو ڪونه هو ڇاڪاڻ ته اها اقتدار جي ويڙهه (Power Politics) ۾ شريڪ ڪانه هئي. ٻيو ته عوامي تحريڪ جي فڪري بنياد يعني ماؤازم ۽ تنظيمي بيهڪ ۽ ڍانچي کان بخوبي واقف هئا. تنهن ڪري عوامي تحريڪ کي پبلسٽي ڏيڻ ۾ ڪين ڪو نقصان نظر نه پيو اچي.

ٻيو ته عوامي تحريڪ جو عام طرح سان تاثر پيش ڪيو ويو هو ته اها هڪ مارڪسي تنظيم آهي. (حالانڪ عوامي تحريڪ مارڪسي تنظيم ڪانه هئي. پليجو صاحب پاڻ کي ماؤسٽ چوندو هو. ماؤازم ايشيا ۾ مارڪسزم جي بگڙيل شڪل آهي ته پليجي جي ماؤازم چيني ماؤازم جي سنڌي بد صورت آهي.) حڪمرانن اُن تاثر کي پنهنجي فسطائيت لاءِ استعمال ڪيو. حڪمرانن آمريڪا کي اهو تاثر ڏيئي ڏنو ته تحريڪ پيپلز پارٽي (يا ڀٽو صاحب جنهن کي اوهان اقتدار جو واعدو ڏنو آهي) نه ٿو هلائي پر تحريڪ مارڪسسٽن جي هٿن ۾ پهچي چڪي آهي. اسان ڀٽو کي يا پيپلز پارٽي کي نه ٿا مارڻ پر—

عوامي تحريڪ کي تامارين جيڪا مارڪسٽ تنظيم آهي. تنهن ڪري 1983ع واري تحريڪ ۾ عوامي تحريڪ کي وڏيڪ پبلسٽي ڏني وئي.

1986ع واري جدوجهد وقت سابق عوامي تحريڪ آءِ-اين-پي ۾ شامل ٿي چڪي هئي. پر پليجي صاحب جي گروپ جي 1986ع واري جدوجهد ۾ شرڪت معيار لاهڻ خاطر هئي. اي-اين-پي ۾ شامل ٿيڻ ۽ 1986ع واري جدوجهد ۾ حصو نه وٺڻ جا مادي سبب ساڳيا آهن.

1969ع ۾ عوامي تحريڪ قائم ٿي هئي ان وقت ان جو فڪري بنياد ماؤزم تي ٻڌل هو. تنظيم جو طبقاتي بنياد هارين ۽ ننڍن ڪاشتڪارن ۽ ابهرندڙ وچولي طبقي تي ٻڌل هو جنهن جي اڳواڻي ننڍا زميندار ۽ وچولي طبقي جا تعليم يافته ڪري رهيا هئا، 1986ع تائين، جڏهن عوامي تحريڪ آءِ-اين-پي ۾ ضم ٿي ته نه رڳو عالمي طور تي چين جي اندر به مائو جي واٽ ۽ فڪر ناڪام ٿي چڪو هو، زراعت ۾ مشين ڪاري ڪري هارين جي بيهڪ تبديل ٿي جنهن ڪري عوامي تحريڪ جي هارين واري قوت ڪمزور ٿي وئي، پليجي صاحب جي خاندان ۽ عوامي تحريڪ جي بنيادي ڪارڪنن کي تمام گهڻا ۽ وڏا نيڪاليا، عوامي تحريڪ ۾ اڳواڻي تي وڏا زميندار ۽ غير رسمي سرمائيدار اچي ويا- جهڙوڪ محمد خان منگسي وغيره جيڪو سنڌ آبادگار-

شگرمل جو وڏو حصيدار آهي.
مطلب ته 1986ع تائين عوامي تحريڪ جو فڪري بنياد بلڪل ڪوڪلو ٿي ويو هو ۽ عوامي تحريڪ جي طبقاتي بيهڪ به بدلجي وئي هئي. پليجي صاحب سان مسئلو هو آهي ته هو گهڻو ڪري ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهندو آهي. ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهڻ سندس عادت آهي پر انقلاب لاءِ انقلابي فڪر جي ضرورت آهي. انقلابي فڪر ڇا آهي؟ مارڪس ۽ لينن جي تعليم کي تخليقي طور لاڳو ڪرڻ.

پليجي صاحب جي تاريخي ماديت جي ڄاڻ اها آهي جو سندس ئي زور تي آءِ.اين.پي جي پروگرام ۾ قومي عوامي جمهوري انقلاب رکيو. آءِ.اين.پي جي ٻين مارڪسي ڌرين جن اُن پروگرام کي قبول ڪيو آهي ته نظرياتي موقف تي سندن ان- ڪم ورتو آهي پر پليجو صاحب به قومي عوامي جمهوري انقلاب کي سمجهائي نه سگهيو آهي.

پليجي صاحب بينڪيت جي وصف اها بيان ڪئي آهي جيڪا عبرت مئگزين ۾ ڇپجي چُڪي آهي. پليجي صاحب جي سياسي معاشيات جي ڄاڻ جو اندازو اُن مان لڳايو ته هو هيٺين پيداوار جو طريقو اهيان جاگيرداراڻو مڃي ٿو ۽ سامراج جي وضاحت جيڪا تلهار ۾ W.S.F جي جلسي ۾ ڪئي آهي. تنهن سياسي ڪارڪنن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي.

پليجو صاحب علمي ۽ فڪري مسئلن لاءِ چوندو آهي تہ اهو ابوجهہ سنڌي ماڻهن تي رعب ويهارڻ خاطر ڪيو وڃي ٿو. انهن جي سادگيءَ مان فائدو ورتو وڃي ٿو. صاف سنڌي ۽ اڌ اکري ۾ ماڻهن کي ٻڌائجي تہ اسان سنڌي ويل ۾ آهيون، پينگهہ تي ويٺي، هيڏانهن پناهگير شهري وڏيرا هر جيت ڪري ويا هوڏانهن بهاري ولڙ ڦاٽريو ٿا اچن. ٻئي پاسي وري پٺاڻن ۽ پنجابين جي يلغار آهي. سنڌيو ٻڌي ڪيو هٿ وڌايوءِ!

اها صاف سڌي ڳالهہ برابر آهي، ظلم جو داستان بہ آهي پر مسئلو هرو ڀرو ايترو سادو بہ ناهي. جيڪڏهن تاريخي عمل ۾ سماج ۾ ٿيندڙ تبديليون ۽ اٿل پٿل ايتريون ساديون هجن ها تہ مارڪس اينگلس ۽ لينن سوين ڪتاب نہ لکن-ها. مزدور کان وڌيڪ ڪنهن تي بہ ظلم ڪونہ ٿو ٿئي اهو مزدور بہ سمجهي ٿو (اُن خلاف مزدور وڙهي بہ ٿو.) تہ پوءِ مارڪس ۽ لينن ڇو نہ چيو "بابا! وڌيڪ ڏيکڻ ڇا جي. هٿ وڌايو. اڳتي وڌو، گهمائي وٺو ڏهہ سيڪڙو سرمائيدارن کي ڪيو حڪومت پنهنجي هٿ."

دراصل پليجو صاحب هاڻي اهو پڪو گهڙو آهي جنهن تي علم جا ڪڻ لڳي نہ ٿا سگهن.

اُنهي ڪري هو پنهنجن ڪارڪنن کي اڌ - جاهل
رکڻ ٿو گهري. پليجي صاحب لاءِ ضروري آهي ته -
ڪارڪن اڌ - جاهل هجن نه باشعور هجن نه وري -
سچا جاهل. جيڪڏهن باشعور هوندا ته پليجي کان
هر وقت سوال ڪندا. جيڪڏهن سچا جاهل هوندا
ته مريد عالم شاهه جا هوندا، هٿ پير اُن جا چُمندا
تنهن ڪري ضروري آهي ته ڪارڪنن کي اڌ اکري
سياسي ڄاڻ (اڌ جاهل) هجي، صرف ته ڏهن اُهي -
نعرو پليجو جيئي پليجو! نعري پليجو جيئي پليجو!!"
جيئي سگهندا.
مارڪسزم ليننزم کي وري ڪير به تنقيد
تخليقي طور لاڳو ڪري ئي نٿو سگهي
اُن کي مارڪسي فلسفي (جدلياتي ۽ تاريخي ماديت)
۽ سياسي معاشيات جي ڄاڻ ڪانهي. پليجو صاحب
وري اُنهن ٻنهي ۾ پيادل آهي. (1) 1985-86
۾ جن سياسي ڪارڪنن جي پليجي صاحب سان
جناح اسپتال ۾ ملاقات ۽ بحث ٿيو آهي سي
اُن ڳالهه جي تصديق ڪندا ته پليجو صاحب
ڪيتري ذهني انتشار ۽ مونجهاري جو شڪار هو.
ممڪن آهي ڪي دوست چون ته
پليجي صاحب جي ذهني انتشار جو سبب پليجو صاحب
جو غير متوقع طور جيئڻ جي بجاءِ ڇهه سال -
جيل هجي. اُهو هڪ ننڍو سبب ته ٿي سگهي ٿو.

پر هڪ حقيقي ۽ بنيادي سبب نه آهي. حقيقي سبب (جو) آهي هن جي طبقاتي پوزيشن جي تبديلي ۽ فڪري (مائوازم) شڪست و ريخت. پليجي صاحب سان ٻي ويڙهن وري اما آهي ته هو جيڪا — ڪهاڻين ۽ ناولن مان ذهني خوراڪ حاصل ڪري ٿو تنهن ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪردار ڪيس رڳو پنهنجا ٿا وڻن.

1986ع ۾ آءِ-اين-پي ۾ ضم ٿي ڪري حقيقت ۾ پليجي صاحب پنهنجي سياست ۽ حيثيت کي بچائي ورتو آهي. طبقاتي حيثيت ۾ هڪڙو ڏاڪو مٿي چڙهي ويو ۽ فڪر جو وري تختو نڪري ويو، پارٽي جوهارين منجهان ويڙهجي ويو. پليجي صاحب لاءِ اهڙي صورت پيدا ڪري ڇڏي جو عوامي تحريڪ فعال ۽ متحرڪ هڪ اتساهه پيدا ڪندڙ تنظيم بجاءِ هڪ ڏنوڻ بڻجي وئي، پليجو صاحب انتهائي سمجهداري کان ڪم وٺي آءِ-اين-پي ۾ ضم ٿيڻ کي قبول ڪيو.

آءِ-اين-پي نيشنل پارٽي هئي، ان جو دائرو وسيع هو. پليجي سان گڏ جيڪي قوتون هيون تن کي آءِ-اين-پي ته سمائي سگهي پئي پر وڪر مائو لاءِ اتي جڳهه ڪا نه هئي. 1984ع ۾ اسان مائو جي وات تي تنقيد ڪئي هئي. ان وقت پليجو صاحب مائو جي بچاءُ ۾ اسان تي جوابي تنقيد ڪئي هئي. اسانجي هڪڙي دوست کي چيو-

ته ماڻو ڪي ڏيه نيڪالي ملي آهي پرمان سيني
تي هٿ سٽي چوان ته ته ماڻو جو پو ٽلڪ آهيان.
نين حالتن ۾ آيءِ-اين-پي جو ڪمال آهي جو هاڻي
پليجي صاحب ماڻوازم لاءِ سيني تي هٿ هڻي ته
ٿيو پري جي ڳالھ پر هاڻي ذڪر ماڻو ڪي لوٽوبه
نه ٿو هٽي. هاڻي پليجي صاحب ذڪر ماڻو جي
بجاءِ تصوف جي واڳ وجهي ورتي آهي. ✱

✱ تصوف هارين جو فلسفو آهي. جنهن جاگيرداري
خلاف هاري بغاوتن جي رهنمائي ڪئي اڄ ڪله
اسان جا ادیب، دانشور انکي مارڪسزم لنينزم
جي انقلابي نظريه خلاف استعمال ڪن ٿا. جديد دور
۾ جي. ايم سيد خاص ڪري ۽ بين جهڙوڪ ڪامريڊ
حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد وغيره ان کي
قوميت جي فلسفي سان جوڙيو. پليجو صاحب
وري تصوف کي نسل پرستي سان جوڙي ٿو. جيڪو
تصوف جي روح جي خلاف آهي. ان ۾ وري —
پليجو صاحب سڳيو ماڻو جي نسل پرستي جي
تعليم جو شڪار ٿئي ٿو جيڪو تنظيم هان
پرستي Great Hanism جو قائل هو.

اتحاد جو ھڪڙو اھو سبب بہ آھي.

II

پليجو صاحب آمريڪا ۽ يورپ مان علاج ڪرائي ذھني ۽ سماجي طور تندرست ٿي راھوڪي ۾ فاضل جي چاليھي تي سنڌي اتحاد جو سڏ ڏئي وري ٻاھر ھليو ويو. موٽي اچي جيئيم ۾ وري سنڌي اتحاد لاءِ سھتي تي ذميداري رکي.

فاضل لاءِ بغير ڪنھن شڪ جي جيئي سگھجي ٿو ته ان جي قتل ۾ مکيه ھٿ آمريڪي تيل ڪمپني يونين ٽيڪساس جو آھي. سنڌ 1983ع ۽ 1986ع جمھوري جدوجھد ۾ اڳڀرائي وارو ڪردار ادا ڪيو، سنڌ ۾ سامراج مخالف شعور بہ ڪافي وڌيل آھي. فاضل جي قتل سامراج مخالف جذبن کي وڌائي ڇڏيو. جنھن جو اظھار ھر ھنڌ تي ٿيڻ لڳو. آءِ-اين-پي لاءِ بہ توقع ھئي ته اھا وڏي سامراج مخالف پارٽي ھوندي- ولي خان سامراج خلاف زوردار بيان بازي بہ شروع ڪري ڏني ھئي.

وطن دوست انقلابي پارٽي شروع کان سامراج مخالف محاذ جي طرفدار رھي آھي. وطن دوست انقلابي پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻن سامراج مخالف محاذ ناھڻ جي 26 اپريل تي اپيل بہ جاري ڪئي ھئي، تنھن کان پوءِ سوشلسٽ پارٽي، اي-اين-پي، پي-اين-پي-

قومي محاذ آزادي، ۽ وطن دوست انقلابي پارٽي -
جا اڳواڻ اين - ايس - ايف جي جلسي ۾ گڏ ٿيا. ۽
سامراج مخالف محاذ جي نئين جي فضا تيار ٿيڻ لڳي.
اها فضا وري به سنڌ ۾ تيار پئي ٿئي، 1983ع ۽ 1986ع
واري جدوجهد ڪري سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين
۾ ٻڌيءَ لاءِ ماحول سازگار ٿيڻ لڳو، اردو ڳالهائيندڙ
سنڌين جو اڪثر ڪٽي رهيا هئا، اهي به جمهوري جدوجهد
ڏانهن، سامراج جي مخالفت ۾ اڳتي وڌي رهيا هئا.
اهو ئي سبب آهي جو 1983ع جي مقابلي ۾ 1986ع ۾ ڪراچي
۾ جدوجهد ڪافي اڳتي وڌيل هئي.
ٻئي طرف ٻاهرين صورتحال خراب ٿي رهي هئي.
آمريڪا مداخلت طرف وڌي رهي هئي. ان صورت ۾
هتي جي سامراج مخالف فضا ۽ جمهوري جدوجهد جا
اثر آمريڪا خلاف جذبن کي پڙڪائي ڇڏين ها.
سامراج مخالف محاذ ايم - آر - ڊي کان ڪيترا ئي
قدم اڳتي هجي ها، سنڌي فسادن جي روڪ ٿام
ڪري ها، سڄي سياسي قوت کي سامراج خلاف
استعمال ڪري ها. سامراج مخالف محاذ سامراج
۽ ان جي قائم ڪيل فسطائي نظام جو في الوقت خاتمو
نه به ڪري سگهي ها ته ڏس به انهن جي مداخلت
۽ جارحيت ۾ رڪاوٽون ضرور پيدا ڪري سگهي
ها. انهن کي هر ويرو هر ڳالهه ۾
مائي ڪرڻ نه ڏئي، عوام جي قوت کي وڌي منظم

۽ متحرڪ ڪري ها. پر ٿيو ڇا؟ ملڪ گير طرح ايم. آر. ڊي کان ڪيرائي قدم پوئتي آءِ. پي. پي سنڌ ۾ سنڌي اتحاد، سامراج جي خلاف ٺهيل فضا متحرڪ ٿي وئي، نه محاذ ڪٿان ٺهي. ڪير ڪٿي ترڪيو، ڪير ڪنهن جي راند ڪري ويو — اسان جي خيال ۾ ته صحيح دوست هاڻي محسوس ڪري ويا هوندا پر غلطي جو اعتراف اڃان دير سان ٿيڻو آهي.

پليجو صاحب اها ڳالهه نه مڃيندو پر اسان کي اعتراف آهي ته سنڌي اتحاد ۽ اها خدمت ڪري ڪو آهي. پر پليجي صاحب جي سنڌي اتحاد لاءِ پيون ٻه سوچون ۽ لوچون (Considrations) آهن:-

"چيئرمين ماؤ جي عوام جي ٽن اصولن" Three Peoples Pyinciples کي ترڪ ڪندا ته لازمي ۽ اثر طور اوهان چئن جدتن FOUR *MODRANIZATION ڏانهن ويندا. (ماؤ جي جيئڻ يا مرڻ سان ڪو به فرق نه ٿو پوي. انقلاب برپا ڪرڻ ۽ ان کي مستحڪم ڪرڻ ۾ تاريخي قوتن ۾ تسلسل هئڻ ضروري آهي — ماؤ خود به آمريڪا ڏانهن جهڪي ويو هو.) 1986ع ۾ پليجو صاحب جن طبقاتي قوتن جو ڳڻڻ هو ته جا طبقاتي مفاد ايترا وڌي ويا هئا جو عوامي تحريڪ انهن کي سمائي-

* ڏسو صفحي نمبر ٢٢ تي.

نٿي سگهي، تنهن ڪري هڪ وڏي تنظيم
جي ضرورت آهي. اُنهن طبقاتي قوتن کي اندرون
ملڪ توڙي ٻاهرين - ملڪن ۾ نون ۽ اڳين جمهوري
سگهارن اتحادين جي ضرورت آهي. ڇا ڪاڻ ته محمد
خان منگسي جي شگر مل جا مزدور جيڪڏهن يونين
ٺاهي پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪندا ته محمد
خان منگسي تي واڌو - مُلھ ملڻ جي ضمانت ڪير
ٿو ڏئي سگهي.!؟

جيڪي واڌو - مُلھ جي ضمانت ڏيندا -
اُهي پليجي صاحب کان پڇن ٿا ته "پليجا صاحب
توهين آهين ڪير؟ سنڌ جي وارث سنڌ جي سائين
کي ته اهيان الله ڏينهن ڏنا آهن." سنڌي اتحاد
پليجي صاحب جي اها ضرورت ٿو پوري ڪري. سنڌ
جون هي نيون طبقاتي قوتون جيڪي زميندارن کان
صنعتڪاري ڏانهن پيون وڃن، جيڪي آبادگارن -
۽ وچولن پرتن مان آئي گريڊ جا ٺيڪيدار ٿي
ويا هُئا. سنڌ جي ڌماڻي جا ڪجهه اديب، دانشور
پڙهيل تڪيل سٽين جن ون يونٽ جي خلاف سرگرمي
سان جدوجهد ڪئي هُئي، وڪيل ۽ ٻيا پيشي
ورمن جي طبقاتي بيهڪ ڪجهه مٿيري ٿي -
هئي - پوءِ پڻ ته آهن جا پليجي صاحب سان "ڏي
جواب" "۽ وٺ جواب" * وارا سلسلا رهيا هُجن،
پر بدليل حالتن ۾ پليجو صاحب اُنهن جو آواز ٿي ويو.

هنن طبقاتي قوتن جي گهر-
نه پليجو صاحب طبقاتي جدوجهد ڪئي نه رڳو
ترڪ ڪري پر پليجي صاحب ۾ جيترو به زهر-
ڀريل آهي اهو سڀ جو سڀ هو مارڪسزم
ليننزم ۽ ڪميونسٽ ڌرين خلاف استعمال ڪري.
- سو پليجو صاحب اهو ڪري ٿو ته ٻيو، طبقاتي
ڪشمڪش جي نفي ڪري هي قوتون سڀئي
قوم - جي مفاد جي بچاءُ جي دعوى
ڪنديون آهن. جيئن ته هاڻي پليجو صاحب
به ڪري ٿو. پر من طبقاتي قوتن جو پليجو
صاحب سياسي اڳواڻ آهي لڳ ڀڳ اهڙين
ئي قوتن جي نمائندگي سائين جي. ايم سيد
به ڪري ٿو. ٻيهر يون سرٽيفڪيٽ سائين وٽ
آهي انهي ڪري پليجو سائين جي. ايم سيد
سان ڪاوڙيل آهي. پوءِ راڄن پاڳن ۾ اخباري بيان
۽ انٽرويوز ۾ جيڪا ڳالهه سائين جي خلاف ڇپئي ٿو وائان
سگهندو. سنڌ جي چوٽي آهي ته "لهه رڙي
بيٺي بيٺي ڏي"

---

* سنڌ جي سياسي لٽريچر ۾ ٻه
انتهائي واهيات ۽ گندا ڪتابڙا ڇپيا ۷۰ - ۱۹۶۹ع ۾
مسعود نوراني ۽ پليجي صاحب وارن هڪ ٻئي جي خلاف ڇپرايا،
مسعود نوراني ۽ پليجو ٻيئي هڪ تنظيم ۾ هئا. پوءِ
جڏهن الڳ ٿيا ته نوراني پليجي جي خلاف "ڏي جواب" ڪتابڙو
ڇپرايو جنهن جي جواب ۾ پليجي وارن "ون جواب" ڇپرايو.

ٻليجي صاحب جون رڙيون ۽ گاريون هونديون
آرنيسر ٽي.

ٻليجو صاحب چوي ٿو ته آئُ مرتو اسان
سنڌي ٻار ۾ متحد ٿيون جيئن ڪنهن سلو ڳالهائڻ
معرّات ٿيون. اصل ڳالهه آها آهي. ٻليجو صاحب
اندرون ملڪ توڙي بيرون ملڪ جن قومن سان
ڳالهائڻ ٿو ڳهري تن کي ڏيکارڻ توڳهري
نه سائڻ جي - ايم سيد سان رڳو ٻنهي تنظيم
آهي. باقي هي سڀ منهنجو راڄ آهي.

1986ع ۾ آءِ - اين - پي نهي. اُن وقت اُن
جون عبوري چوندون ٿيون. 1987ع ۾ مستقل چوندون
ٿيٺون هيون. 1986ع ۾ ولي خان ٻليجي صاحب کي ماڻي
واسطي پوئتي ڪيو ۽ اُن کي نظرانداز ڪيو. جاڪاڻ ته
ولي خان ٻليجي تي اعتبار نه پيو ڪري سگهي.
نيشنل عوامي پارٽي جي وقت کان وٺي ولي خان
ٻليجي صاحب کي سڃاڻي ٿو. ولي خان جڏهن
حيدرآباد سازش ڪيس ۾ جيل ۾ هو ته اُن وقت
مريتي صاحب ٻليجي کي جيل ۾ اماڻيو هو - ٻليجي
جي اُن جيل ياترا جي پس منظر کان ولي خان واقف
هو. عوامي تحريڪ کي جڏهن ايم - آر - ڊي جي ڪنوينر
شپ مِٽي ته ڪنوينر موندو هو حسين بخش -
ناريجو. ايم - آر - ڊي جو آخري اجلاس ٻليجي صاحب
جي بنگلي تي ٿيو. جنهن کا پوءِ ڪنوينر شپ جميت.

علماءِ اسلام ڏانھن منتقل ٿيڻي ھئي. اجلاس جي صدارت مولانا فضل الرحمان کي ڪرڻي ھئي. پر بليجي صاحب جيوته اجلاس جي صدارت مان ڪنڌ ڇاڪاڻ ته مان ميزبان آھيان. مولانا ويچاري صدارت جي ڪرسي بليجي صاحب لاءِ خالي ڪئي. ۽ بليجي صاحب وري ان اجلاس جي جيئن ڪاروائي ھلائي تنھن لاءِ رڳو مير غوث بخش بزنجي جا اھي لفظ ڪافي آھن ته "بليجا صاحب جيڪڏھن ايم. آر. ڊي اسيمبلين ۾ اينديءَ ته توکي تعنھن به صورت ۾ اسپيڪر نه ڪنداسين."

ولي خان جي اڳيان بليجي صاحب جو اھو سمورو رڪارڊ موجود ھو. ولي خان ڪيئن توکيس جنرل سيڪريٽري آءِ. اين. پي جوڙيو ڏٺي. بليجو صاحب پھرئين مَله مارجي پيو ھاڻي بڪتي نه توسگھي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ بلوچستان جا ڪونسلر جنرل سيڪريٽري لاءِ ان کي ووٽ ڏيندا جنھن کي ولي خان جي حمايت ھوندي. پنجاب مان سردار شوڪت ۽ راءِ مصروز اختر به ولي خان ڏانھن ويندا. سنڌ ۾ بليجي وارن آءِ. اين. پي کي عوامي تحريڪ ڪري ڇڏيو آھي. امر لعل وارن جي سڄي گروپ کي، عابد زبيري ۽ علاءُ الدين کي ڪڍي ڇڏيو آھي. (جنبرنا ھي اُھي مرڪزي چوندڻ ۾ باھجي سگھن ٿا پانه) ۽ مير شيبي وارن جي گروپ-

ڪري عرصي تان هٽائي اُنهن کي تنظيم غير-
مؤثر ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن چونڊن ۾ پليجو
صاحب حمايت حاصل ڪري سگهي ٿو ته رڳو هنجي
تنظيم مان امتياز عالم ۽ پروفيسر عزيز جي گروپ
مان.

(هي هڪڙي عجيب وغريب صورتحال پيدا ٿي
آهي. هيڏانهن پليجو صاحب هوڏانهن ولي خان
ڪميونسٽن جا بدترين دشمن آهن. ولي خان پختون
خواه ۾ توسيعي اجلاس وارن کي ڪڍي ٻاهر ڪيو آهي.
۽ پليجو صاحب وري ڪميونسٽن جي اندر ڪي —
جنهن جي نمائندگي جام ساقي ڪري ٿو. هڪڙا-
ولي خان جي ته ٻيا وري پليجي جي حمايت ڪن
ٿا. ٻنهي ڌرين ڪميونسٽن کي زير ڪري ورتو آهي
هاڻي آخري مرحله قوم پرستن ۾ ٿيڻو آهي ڏسڻو
اهو آهي ته تضاد وڌي ٿو يا سمجهوتي جي ڪا وات-
ڪڍي ٿا وٺن)

چونڊن جي طريقي سان پليجو-
صاحب ڪٿي نه ٿو سگهي. تنهن ڪري پليجو صاحب
اُتي اها ڳالهه ڪندو ته سنڌ تمام گهڻو محروم
۽ حساس صوبو آهي. سنڌ جي نمائندگي
ٻه مان ڪيان. ڏسو هيتريون ساريون تنظيمون مون
سان متفق آهن. مان ڪميونسٽ ۽ مهاجرن جو ٻه —
مخالف آهيان. منهنجي پارٽي ٻه وڏي ۽ منظم آهي-
تنهن ڪري آءِ-اين-پي جو جنرل سيڪريٽري مون کي بڻايو
وڃي. پليجو صاحب سنڌي اتحاد لاءِ جيڪا هاءِ هوڙا-

سگهائي هئي، چائنگ ڪرائي ۾ جلوس ڪڍرايا.
تنهن جو هڪڙو وڏو سبب آءِ.اين.پي ۾ پنهنجي
ڏي وڻ واري پوزيشن کي مضبوط ڪرڻ به آهي.

اينگلز پنهنجي زبردست مقالي لو فيورباخ ۾
جرمن ڪلاسيڪي فلسفي جو خاتمو" ۾ فيورباخ
جو هڪ قول نقل ڪيو آهي ته "ماڻهو محلات ۾
جهوپڙي ۾ مختلف نموني سوچيندو آهي" (١)
پليجو صاحب آپ جڏهن مظلوم طبقن خاص ڪري
هارين جي سياست ڪرڻ جي دعوى ڪندو هو.
تڏهن پليجو صاحب جيڪا سياسي واٽ ۽ تدبير
بيان ڪندو هو سا ڏاڍي اڙانگي ور وڪڙن ۽ لاهين
چاڙهين واري هوندي هئي، پليجي صاحب جي.
سوچ ان وقت ڏاڍي شوخ ۽ چنچل هوندي هئي،
اها بلڪل صحيح ڳالهه هئي. مظلوم طبقن کي.
سياسي پيش قدمي ۽ جدوجهد لاءِ تيار ڪرڻ ۽.
انهن جي تنظيم جوڙڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. سان
جي سڱن جا ور ڪيڏڻ جي برابر آهي. تنهن لاءِ
صبر ۽ ثابت قدمي جي ضرورت آهي. پر هن وقت
جيڪڏهن بي صبري ۽ تڪڙ جو مظاهرو ڪري ٿو
جلد ڪنهن منزل تي پهچڻ گهري ٿو تڏهن به
پليجو صاحب درست آهي. ان جو اهو سبب نه آهي
ته ايم.آر.ڊي جي ڪنوينرشپ وانگر مدو نه پورو ٿئي
دراصل پليجي صاحب ايم.آر.ڊي جي اجلاس جي صدارت
لاءِ ميزبان هئڻ جو جواز پيش ڪيو هو ته ايم.آر.ڊي

(١) مارڪس اينگلز جون چونڊ لکيتون جلد ٽيون صفحه 357

ڪي ته ڪاوڙائي پيو پر اُن جو حقيقي مقصد اهو هوندو ته جيڪي اقتدار جا ڏٺي آهن تن کي ڏيکاريو وڃي ته اسان جون به ڪجهه گهرجون آهن. نوريون فرمائشون ۽ ڪجهه خواهشون آهن. اوهان رڳو جيئي صاحب سان ڳالهايو ته اسان کي جيترو به ريڊيڪل سمجهيو وڃي ٿو هروڀرو ايئن ناهي. حمزو پليجو ۽ يوسف چانگ به ته نينهن اسان جا آهن. *)

اُن جو اهو به سبب ناهي ته پليجو صاحب اڄڪلهه بيمار ٿو رهي ۽ زندگي تي ڪو به ڀروسو ناهي تنهن ڪري پليجو صاحب جلد اقتدار تي پهچڻ ٿو گهري. پليجو صاحب سنڌ جي نون سرمائيدارن — *Neo Bourgois* جو سياسي نمائندو آهي. نوان صنعتڪار وڏيڪ بي - جين ۽ جلدباز هوندا آهن. هو تڪڙ ۾ گهڻو نفعو ڪمائڻ گهرندا آهن. سياست ۾ به اُهي اِئين تڪڙيون پرانگهون ڪٽيندا - آهن ۽ وچان گهٽ (*Short Cut*) هڻندا آهن. مها ڏاهپ ۽ اڪابري اُنهن کي نه وڻندي آهي. ورن وڪڙن واري وات کان ته ونئون ويندا آهن. پليجي صاحب کي اُن لاءِ جيڪو ننڍو رستو نظر آيو سو هو ايم- ڪيو- ايم جو مثال. پليجي صاحب به سو جيئو الطاف آمريڪا جو دورو ڪري اچي مهاجر مهاجر جيئو آهي ته هاڻي هو ڪراچي ۾ ميئرشپ جا خواب ٿو ڏسي مان به آمريڪا کان ٿي آيو آهيان، مان به «سنڌي سنڌي» ڪندس ته ڪجهه ٿي ويندس.)

* يعني صاحب پليجي کي هلال پاڪستان اخبار جي ايڊيٽرشپ جي آڇ ڪئي هئي ته سابق عوامي تحريڪ جي دوستن کي ياد هوندو ته پليجي صاحب ايڊيٽرشپ جي حق ۾ ڪيترا دليل ڏنا هئا. پرچار ڪن

پر پليجي صاحب کي جيڪا ڳالهه سمجهه
۾ نه پئي اچي اها هيءَ ته تاريخي عمل ڪڏهن مثالن ۽ نظامن
ڪڪجهڙاين جو محتاج ناهي. الطاف جي پٺ تي جيڪي
قوتون آهن اهي پليجي صاحب سان نه آهن. پليجو صاحب
جن ـ قوتن کي ويجهو آڻڻ گهري ٿو جن ۾ مفاهمت
پيدا ڪرڻ گهري ٿو اُنهي ۾ وري مفاهمت ٿي نه ٿي سگهي.
الطاف حسين جي پُٺ تي مهاجرن جي مضبوط بيورو
ڪريسي آهي جيڪا هاڻي بئي ڊهي تي ڏڪجي ويٺي آهي.
الطاف جي پٺ تي آهن مهاجر سرمائيدار منهن جي واڌ
کي روڪيو ويو آهي. الطاف حسين کي ٺيڪ آهي-
ڪراچي جي وڏي ڪانياواڙي سرمائيدار جي. الطاف-
حسين جي تنظيم آهي اردو ڳالهائيندڙ وچولي طبقي
جي نوجوان بيروزگارن تي مشتمل، جيڪي شهرن جا
رهواسي هئڻ ڪري ايجيٽيشن ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهن
ٿا. پليجو صاحب نمائندو آهي سنڌ جي نون متعلقان
جو. وچولن پرتن جو. ٺيڪيدارن جو. هن وٽ ايجيٽيشن
جي طاقت ڪانهي. سنڌين جي مضبوط بيوروڪريسي
ڪانهي. نه وري سنڌين جي وڏي سرمائيداري آهي
جيڪا ڏارين سان تضاد ۾ پنهنجي ننڍن کي پاڻ
سان ملائي، جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ پليجو
صلب سنڌين جو الطاف حسين ٿي سگهي ها، هو سنڌين
۽ مهاجرن کي ويڙهائي سگهي ها. پليجو صاحب سنڌي
ڪاموراشاهي نه هئڻ جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ
جي بغاوت سبب پليجو صاحب ايڏ پيتريٽي نه سگهيو.

پنجاب جي بوڪرشاهي جو سات وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پليجو صاحب اتحاد جي گڏجاڻين ۾ - باهر پنهنجين تقريرن ۾ به چوندو آهي ته هي مهاجرن جو سات ڏئي سنڌين کي باقي ملڪ کان الڳ ڪن ٿا. ان جو مطلب ٿي اهو ٿي آهي ته مهاجرن خلاف پنجابي بيوروڪريسي جو سات ورتو وڃي.

سنڌي سرمائيدارن ۽ پنجاب جي ڪامو-راشاهي ۽ وڏن سرمائيدارن ۾ مفاهمت پيدا ڪرڻ ناممڪن آهي. پنجاب جو گورنر ملڪ غلام جيلاني پليجي صاحب کي هڪ گلدستو ته موڪلي سگهي ٿو، امتياز عالم * وارا قاتلانه حملي خلاف پليجي صاحب جي طرفداري ۾ جلوس ڪڍي سگهن ٿا پر ان کان وڌيڪ ڪجهه به نه. ڪجهه وقت اڳ ڀٽي صاحب سنڌي وڏيرن ۽ پنجاب جي آفيسرن ۽ سرمائيدارن جي مفادن ۾ مفاهمت پيدا ڪري ورتي هئي پر ان مفاهمت ۾ سنڌ جا وڏيرا هئا نه سرمائيدار نه هئا. ان مفاهمت ۾ سڀ کان اهم حصو هو بنگالي فيڪٽر جو ۽ پوءِ وري نيشنل عوامي پارٽي جو. ٻيو ته ڀٽي صاحب جي اپيل هئي پنجابي شاونزم کي (ڪشمير هٿ ڪنداسين، هندستان سان هزار سال لڙنداسين!)

---

* امتياز عالم پنجاب جو مارڪسي ڪارڪن ۽ دانشور آهي، جيڪو ڪميونسٽ اهليس وارن جو نظرياتي رهنما آهي. هن جو خيال آهي ته ڪميونسٽ تحريڪ جي موجوده حالت ۾ زير زمين ڪم غلط ٿيندو. پنجاب جي حالت ۾ ڪم کلي ڪرڻ جي برابر آهي.

سنڌ جي وڏيرن جي مفادن لاءِ ڀٽي صاحب جي اپيل ڪانه هئي. ٻليجو صاحب جي بنيادي اپيل آهي سنڌ جي نون ڪارخانيدارن جي مفادن لاءِ تنهن لاءِ هو پنجابي سرمائيدارن ۽ آفيسرن جي سرپرستي چاهي ٿو. سر-

ٻليجي صاحب جي سياست جو بنيادي زور پنجاب جي آفيسرن ۽ مٿين طبقن جي مفادن جو بچاءُ ناهي. پنجابي حڪمران ٻليجي صاحب کان جيڪو سرپرستي جو معاوضو وٺڻ گهرن ٿا ان ۾ اهو ناهي ته الطاف جي مقابلي ۾ ٻليجي کي بيهارين - تنهن لاءِ وٽن ملڪ سرور اعوان آهي. هو ٻليجي صاحب جون خدمتون سنڌ ۾ ڪميونسٽن ۽ قوم پرستن جي انهن خلاف حاصل ڪرڻ گهرن ٿا جيڪي پنجاب سان ٽڪر اچڻ گهرن ٿا. مثلاً جيئي سنڌ وارا

اسان شروعاتي صفحن ۾ لکي آيا آهيون ته ٻليجي صاحب وٽ تاريخ جو شعور ڪونهي. (تاريخي مادیت جي فلسفي جي ڄاڻ ڪانه اٿس) نه ته جيڪر هو سمجهي وڃي ها ته پاڻ اهو ناهي جيڪو پاڻ کي سمجهي ٿو. هو اهو ڪجهه ڪري نه ٿو سگهي جيڪو ڪرڻ گهري ٿو. مارڪس چيو آهي ته "تاريخ جي ٻن مختلف دورن ۾ هڪ جهڙا واقعا ذهن ۾ ساڳيو نتيجو نه ڏيندا" پنجابي شاونزم ۾ تبديلي آئي آهي. بنگلاديش جي آزادي کانپوءِ پنجابي شاونزم جي اڳرائي واري پاليسي ۾ خوف، بزدلي، شڪست خوردگي به شامل ٿي وئي آهي. خارجي علائقي ۾ طاقت جي توازن ۾ تبديلي سبب جيڪو ١٩٧١ع کان لاڳيتو پنجابي-

شاونزم جي خلاف وڃي رهيو آهي. هاڻي هو لال قلعي تي جهنڊو جهلڻ ۽ ڪشمير فتح ڪرڻ جا خواب نه ٿا ڏسن. بلڪ هر حالت ۾ هندستان کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هندستان جي خلاف جيڪا به تخريبڪاري ڪن ٿا سا به رڳو آمريڪا جي اشاري تي. ۽ هندستان کي اهو ٻڌائڻ لاءِ ته اسان کي پنهنجو ڪيو نيڪ آهي! جيڪڏهن اسان اوهان سان وڙهي نه ٿا سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ اوهان کي پريشان ضرور ڪري سگهون ٿا.

ايران ۽ افغانستان جي انقلاب به علائقي ۾ طاقت جي توازن کي پنجابي شاونزم جي خلاف ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪين آمريڪا جي پٺڀرائي ۽ دٻاءُ به منهنجي ته جيترو هن وقت بدمعاشي ۽ آپرائي ڪري - رهيا آهن تنهن جو ڏهون سيڪڙو به نه ڪري سگهن. ٻئي طرف اندروني - ملڪ شاونسٽ ڏيڻ پنجابي جنرلن ڪامورن ۽ سرمائيدارن کي پنجابي عوام جي اڪثر حمايت حاصل ناهي. فوجي هن وقت به سنڌ ۾ ڇانوڻيون قائم ڪن ٿا، سنڌ جي ٻوٽن تي هن وقت به فوجي چڙهائي جاري آهي سنڌين کي ڏاڍيل ۽ تخريبڪار ۽ پارٽ جا ايجنٽ به چون ٿا پر پنجابي عوام جو گهڻو حصو پنهنجي شاونسٽن سان متفق ناهي. انهي ڪري هن وقت بينظير جي پنجاب ۾ حمايت هوندي - بي نظير پنهنجي والد صاحب جي سياست جي تقليد ڪندي ۽ اُن جي وارث هئڻ جي دعوىٰ به ڪندي نه

ڀيڪڏهن اها پنجاب ۾ شاؤنسٽ جذبا اڀارڻ لاءِ سيا ڄڻن جو مسئلو ڪٽي ٿي ته پنجاب مان ڪيس موٽ نه ٿي ملي. پليجو صاحب پنجاب جي جن طبقاتي قوتن جي حمايت چاهي ٿو سا تاريخ جي هنن حالتن ۾ ڪيس ايئن ملي نه سگهندي جيئن هو چاهي ٿو.

پليجي صاحب جي تاريخي شعور جو ڏيوالو اُن مان به ظاهر ٿئي ٿو ته پليجو صاحب سنڌ جي قومي سوال کي نسلي بنيادن تي ڪٽي ٿو. حالانڪ پليجي صاحب کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌي هر لحاظ کان هڪ مڪمل ۽ تشڪيل جڙيل قوم آهن. سنڌي اهڙي قوم آهن جنهن جي تهه ۾ ڪيترن نسلن جو مجموعو آهي. اهڙي قوم ۾ نسلي اهميت نه رهندي آهي. اُنهن ۾ قومي شعور پيدا ٿيندو آهي. اسان اُن تي فخر ڪندا-آهيون ته اسان ماڇي آهيون اسان سڪندر جي فوج خلاف گوريلا لڙائي ڪئي هئي. اسان سمات آهيون موهن جي دڙي جي تهذيب اسان جي آهي. پر اُهي سڀئي عظيم حاصلاتون اسان سنڌي قوم ڏانهن منسوب ڪندا آهيون.

هن وقت سنڌ ۾ جيڪو تاريخي عمل جاري آهي تنهن ۾ گوناگونيت آهي. انجا ڪيترائي رخ ۽ وهڪرا آهن، انهن مان ڪي هڪ ٻئي جي متوازي هلن ٿا ڪي وري هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. تاريخ جي سڄي رنگيني ۽ خوبصورتي انهنجي جواني سان-سنڌ ۾ موجود آهي. هڪ سڄي تاريخي عمل کي بيان ڪرڻ اسان جي هن مضمون جي دائري ۾ ناهي. اسان-

ڏيو مهاجرن جي حيثيت جو مختصر بيان ڪندا
-سين جيئن پليجي صاحب جي تاريخي شعور ۾
ڪجهه واڌ آڻي سگهجي، جيئن هو پنهنجي سياست
جو قبلو درست ڪري سگهي. اُن مان سنڌ ۾
پليجي صاحب ٻنهي کي فائدو رسندو آهي.

اردو ڳالهائيندڙن جو سنڌ ۾ اچڻ
تاريخ جو اهڙو جبر آهي، جيڪو سامراج جي نوآبادياتي
نظام جي سازش جي نتيجي ۾ اسان کي ورثي ۾ مليو
آهي جيڪو هينئر تاريخي حقيقت بڻجي چڪو آهي
۽ تاريخ جي وهڪ کي ڪير به پوئتي موڙي نه ٿو
سگهي. پليجو صاحب چاهي ٿو ته مهاجر ٻئي
درجي جا شهري ٿي ڪري رهن، ملڪ سرور اعوان
ٿو چئي ته مهاجرن کي واپس هندستان ڌڪيليو
وڃي ۽ الطاف صاحب وري فرمائي ٿو ته مهاجر
سپر پاور آهن. * تنهن تاريخ جي منهن ۾
اِنون ٿا هڻن. مهاجر اهو ڪجهه ٿي نه ٿا سگهن جيڪي
ڪين ٿيڻ لاءِ جيو ٿو وڃي. مهاجرن جو مقدر ۽ مستقبل

---

* تاريخي لحاظ کان پليجي صاحب جو ڪردار الطاف
يا سرور کان ڪيترائي دفعا اڳڀرو ۽ ترقي پسند آهي. مياڻ
۽ پليجو صاحب غلطين سميت پر اُنهن قوتن منجهان
آهي جيڪي هن وقت تاريخ ۾ ترقي پسند ڪردار ادا ڪري
رهيا آهن. پليجي صاحب جي الطاف ۽ سرور اعوان سان ڀيٽ
ڪرڻ ۾ اسان کي خوشي نه ٿي ٿئي. پر حقيقت ۾ هاڻ اسان کي افسوس ٿئي ٿو
ته پليجو صاحب پاڻ کي اُن مقام تي آڻي بيهاري ٿو آهي، جيڪو الطاف حسين ۽ سرور
اعوان جو آهي.

هاڻي سنڌي آهي. پر جيڪڏهن اسان چئون ته مهاجر
هن وقت ٿي شهر سنڌي ٿي وڃن لئه ايئن ٿي
ڪونه سگهندو. مهاجرن کي پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ ۽ هر
سطح تي پنهنجي ٻولي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو پورو پورو
حق آهي. انهن کي روزگار حاصل ڪرڻ ۽ بهتر زندگي
گذارڻ جو پورو پورو حق آهي. پر مهاجرن ته قوم ٿي
سگهن ٿا نه ورڪ سپرپاور مهاجرن جو تمام وڏو
تعداد وچولي طبقي سان واسطو رکي ٿو. جنهن
کي شهري سهولتون مليل آهن. مهاجرن جو وچولو
طبقو ٻين قومن جي وچولي طبقي کان وڌيڪ مراعات
يافته آهي. مهاجرن جي وچولي طبقي جي ويڙهه ان
لاءِ ناهي ته کين ڪجهه مليل ناهي پر انهن جي ويڙهه
ان لاءِ آهي ته جيترو کين حصي کان وڌيڪ مليو رهيو
هو ان ۾ هاڻي ڪجهه گهٽتائي ٿي آهي.

اقليت ۾ هجڻ سبب مراعات يافته
اهڙيون خاصيتون آهن جن کي وڌيڪ رجعت پسند
قوتون مقام آساني سان استعمال ڪري وڃن ٿيون.
گذريل ڏهن سالن کان سنڌين ۽ مهاجرن ۾ ويڇڙ
وڌي آهي. 1983ع واري جدوجهد ته ان عمل ۾
وڌيڪ تيزي پيدا ڪئي. 1983 واري جدوجهد ۾ مها-
جرن مٿي به اثر ڇڏيا. (اهو ئي سبب آهي جو 1986 واري
جدوجهد ۾ مهاجرن جو حصو گهٽ هو.) مهاجرن
تي جيڪو جمهوري جدوجهد جو اثر پيو ٿي سامراجي
فسطائي حڪمرانن، رجعت پسند سرمائيدارن ۽ ڪامورن
لاءِ نئون خطرو پيدا ڪري، خاص ڪري ان صورت ۾ ته..

مهاجر شهرن ۾ رهن ٿا ۽ شهرن جي ايجيٽيشن ۾ وڏي اهميت آهي. انهي ڪري انهن مهاجرن ۾ عدم تحفظ جو احساس کي پڙڪايو - جيڪو اقليتن ۾ مراعات يافته پرتن ۾ هوندو آهي. 1984ع ۾ الطاف کي آمريڪا مان آندو ويو ته مهاجرن ۾ احساس عدم تحفظ کي وڌائي. مهاجرن کي اسلام پسندي مان ڪڍي - مهاجر پرستي ڏانهن وٺي وڃي. هڪ انتها کان ٻي انتها ڏانهن. سنڌي قوم جو حصو بڻجڻ جي حقيقي دنيا کان مهاجر قوميت جي خيالي دنيا ۾ هڪ نئين ويڳاڻپ ڏانهن. جيئن مهاجر فلسطينن ۾ انهن جي سامراجي آقائن خلاف لڙائي جو هڪ حصو نه بڻجي پر سرمائيدارن ۽ ڪامورن جي مفاد ۾ استعمال ٿيندا رهن. الطاف مهاجرن کي هڪ نئين ويڳاڻپ - ڏانهن هڪ نئين خيالي دنيا ڏانهن وٺيو ٿو وڃي. پراسائجو فرض اهو آهي ته مهاجرن کي حقيقي دنيا ڏانهن وٺي اچون ۽ انهن کي مظلوم طبقن ۽ قومن جي سامراج ۽ فسطائي نظام خلاف جدوجهد جي ڌارا ۾ آڻيون. مهاجرن جو وسي مظهر ندوي جو نسل ياته ختم ٿي ويو آهي ياته بي اثر ٿي ويو آهي. هي نئون نسل آهي. خاص سرمائيدارانه سماج جو نسل آهي. جيڪو هن ڌرتي تي ڦٽي نڪتو آهي. - جنهن جڏهن هتي پاڙون هڻڻ شروع ڪيون ته عين وقت ڪيس ورڻ ويڳاڻپ ڏيو ويو آهي. مهاجرن کي جيئو ڦ وڃي

۽ جڏهن پنجابي ۽ پٺاڻ نڪرندا ته اُها ملڪيت ۽ اُهي نوڪريون کين ملنديون. اهڙيءَ طرح سان مهاجرن جي بيروزگاري جو مسئلو حل ٿي ويندو. فسطائي سوچ - مڊل ڪلاس کي وڏيڪ ڇڪي وٺندي آهي. جيڪا ٺ ۽ فسطائيت وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو آهي. اُها رڳو جذبن کي اُڀاريندي آهي ۽ خيالي جنت ڏانهن وٺي ويندي آهي. ۽ ڇوليو طبقو جيڪو سرمائيدارانه سماج ۾ هڪ قدم اڳتي وڌائيندي ٻه قدم پوئتي ٿي ويندو آهي. سو تڪڙ ۾ ان جي ڪرڪان جان ڇڏائڻ گهرندو ـ آهي. فسطائيت اُن جي بي صبري ۽ تڪڙ مان فائدو وٺندي آهي.

جرمن قوم جنهن رومن شهنشاهيت

ڪانٽ پوءِ يورپي تهذيب جو جهنڊو بلند رکيو. هڪ مهذب ۽ فلاسفر قوم جنهن ڪانٽ ۽ گوئٽي، هيگل ۽ فيورباخ، مارڪس ۽ اينگلز، وليم ليبنيخت ۽ اگسٽ بيبل جهڙا عظيم انسان پيدا ڪيا تنهن جو مڊل ڪلاس ؛ هٽلر جي پٺيان لڳي پيو ۽ ڪيترن ئي سالن تائين هٽلر جي پاڳلپڻي کي قبول ڪيو. اطالوي قوم جنهن ليونارڊو دا ونچي ۽ مائيڪل اينجلو، مارڪوني ۽ گرامچي پيدا ڪيا تنهن جي خيالي رومة الڪبرا جي خيالي عظمت لاءِ گرامچي جي اذيتن کي وساري مسوليني جي فسطائيت لاءِ رت جون نديون وهايون. مهاجرن کي آب ۾ ئي اسلامي عظمت جا درشن ڏنل هئا.

دهليءَ جي لال قلعي تي جهنڊو جهلڻ جو
سبق ڏئي آدرش جڏهن ٿيندا، تڏهن فسطائي
رجعت پسند ۽ سامراجي قوتن لاءِ ضروري آهي ته انهن
کي هڪ نئين خيالي دنيا ۾ ڪشي وڃن. پر فسطائيت
جو جواب ٻي يا نئين فسطائيت ناهي. فسطائيت
جو جواب انقلاب آهي. اسان جو فرض آهي ته مهاجرن
کي انقلاب ڏانهن موڙيون. سامراج خلاف قومن
جي آزاديءَ لاءِ، فسطائيت جي خلاف مظلوم طبقن جي
ڇوٽڪاري لاءِ، سرمائيداري جي خاتمي ۽ سوشلزم
جي فتح ڏانهن.

جيڪي تاريخ جون ترجمان قوتون هونديون
آهن انهن جي نظر ۾ گهڙو ڏينهن ۽ سالن تي نظر-
هوندي آهي، انهن تي جڏهن نظر پا پيٽرو مسندا
ته اُن تي حوصلو هاريندڙيون آهن، پر انهن جي
نظر صدين جو سينو چيري تاريخ جو اندر ڇاڇيند-
-يون آهن. تاريخ جي واڌ لاءِ گهڻو نڪرڻ پيٽر برداشت
ناهن ڪيا وڃو جو وتوب پيٽو پوندو آهي. مهاجرن
کي سنڌ ۾ آئي هاڻي چاليهه سال ٿي ويا آهن.
هتي انهن جو ٻيو نسل پيدا ٿيو آهي. ٻليجو صاحب
سنڌي رڳو انهن کي تسليم ڪري ٿو جيڪي
1947ع کان اڳ سنڌي هئا. اسان سمجهون ٿا ته
مهاجر سنڌ ۾ هاڻي ائين آهن جيئن ڪنوار ساهري
گهر ويندي آهي. رامني يا پنج پرهاڻي اهو سنڌس ٿي.

گهر آهي. اُن گهر جي عزت ۽ عظمت سنڌ سڄي ـ عزت ۽ عظمت آهي. گهر جي ٻاتين جو فرض آهي ته نئين ٻاٽي کي قبول ڪن ۽ نئين ٻاٽي جو فرض آهي ٻاٽ کي گهر جي حوالي ڪري ڇڏي.

تاريخ جي عمل کي سمجهڻ ۾ پليجو صاحب هڪڙي به غلطي ڪري ٿو. پليجي صاحب کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جي قوم پرست سياست جو ڪينواس مقام وڏو ۽ وسيع آهي. هتي جيئي سنڌ آهي، فرنٽ آهي، سنڌ دوست، سنڌ ساگر پارٽي، سنڌ نيشنل ڪانگريس. ۽ پليجو پارٽ- پنهنجي تنظيم سان گڏ. پليجي صاحب کي سمجهڻ گهرجي ته انهن سڀني قوم پرست قوتن مان سواءِ سنڌ دوست وارن دوستن جي باقي ٻيون سڀ ڌريون پليجي صاحب جي مقابلي ۾ قدامت پسند قوتن جي نمائندگي ڪن ٿيون. پر انهن قوتن وٽ پليجي صاحب وانگر فڪري تضاد ۽ انتشار ڪونهي. انهن جي سياست جو هڪ خاص رخ آهي، انهن جي سياست صاف ۽ چٽي آهي. اسان جو ڀل انهن سان اتفاق نه هجي پر انهن جو مقصد ۽ واٽ بلڪل واضح آهن اُن جي مقابلي ۾ پليجي صاحب جي سياست جو مقصد ڏنڊلو ۽ واٽ منجهيل آهي. هن وقت ته پليجو صاحب ست پير هٽي ٿو وڃي پر ايندڙ وقت ۾ ـ سندس اها صلاحيت گهٽجي ويندي. هو جيئي سنڌ-

وارن کي قوم پرست سياست ۾ پنهنجو ملڪيه مخالف ٿو سمجهي پر ڪيس سمجهڻ گهرجي ته اينديڙ وقت ۾ - جيئي سنڌ جو سنڌ جي قوم پرست سياست ۾ اهم رول ٿيڻو آهي . سائين جي مضبوط هٿ هيٺ وچيڙ جي ابتدائي انتشار کانپوءِ جيئي سنڌ جي نوجوان ۾ سامراج مخالف قيادت جي اُڀرڻ جا امڪان وڌيڪ روشن آهن . جيئي سنڌ وارادوست پنهنجي اندر موجود منفي لاڙن تي به ضابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا . محرومي حالتن جو به انهن تي اثر ٿي رهيو آهي ، تنهن - ڪري سنڌ جي قوم پرست سياست جي واڌ لاءِ ضروري آهي ته پليجي صاحب کي پنهنجي قوم پرست سياست جو قبلو درست ڪرڻو پوندو . جيئي سنڌ سان مخالفت کي وڌائي پليجو صاحب سنڌ جي قوم پرست سياست جي خدمت نٿو ڪري .

پليجي صاحب جي منفي سوچ ۾ تنگ - نظري اتحاد جي افاديت کي ڌڪ پهچايئن ختم ڪري ڇڏيو هو . پوءِ جن حالتن ۾ پليجي جوان ۾ ڪردار اتحاد لاءِ هڪ بنيادي سوال پيدا ڪري ڇڏيو . اهو سوال هو اتحاد جي نفعي يا نقصان جو . اتحاد جي نفعي يا نقصان جي سوال جي وقت ۾ ئي ٽرانسفرس ۾ ميني جو وا قعو ٿيو جنهن ڪري اتحاد جي نوعيت بلڪل بدلجي ويئي .

17 جولاءِ تي سنڌي اتحاد جي ڀرپور
گڏجاڻي پليجو صاحب جي بنگلي تي ٿي جنهن ۾
آءِ. اين. پي پاران مير ٿيبو، حاڪم علي زرداري ۽
رسول بخش پليجو، پي اين پي جي پاران شاهه محمد شاهه
قمر راجپر ۽ امان الله شيخ، وطن دوست انقلابي
- پارٽي پاران ڊاڪٽر بابر، هاري ڪميٽي پاران جام ساقي
۽ غلام رسول سهتو. سنڌي هاري تحريڪ پاران قادر
رانتو، سروسنس آف سنڌ سوسائٽي طرفان محمد ابرا
- هيم جويو ۽ علي محمد قريشي، سنڌ انٽليڪچوئل
فورم پاران رشيد ڀٽي، سنڌ فرينڊس فورم پاران
سهج ميراڻي ۽ سنڌ ڪلچرل اڪيڊمي پاران نذير
حيف شريڪ ٿيا (جنهن لاءِ غلام رسول سهتي جيوت
اُن کي دعوت ڪانه هُئي پر خبر ناهي ڪيئن آچي ويو
آهي.) اُهي تنظيمون ۽ شخصيتون ڀريئن اجلاس ۾
شامل ٿيون. ڀريئن ڪان وٺي 26 آڪٽوبر واري
اجلاس تائين بنيادي ۽ متنازعه نقطن تي جيڪا اندر
ڳالهه ٻولهه ٿي آهي اسان هتي اُن جو ذڪر ڪنداسين. اُن
لاءِ اتحاد جي دوستن وٽ تفصيل آهن اُنهن تان تصديق
به ڪري سگهجي ٿي. اسان بنيادي طرح سان پنهنجو
نقطهء نظر پيش ڪنداسين. ٻين ڌرين جي نمائندن
جا ٻئي جيو ۽ ڪجهه نقطهء نظر ٻئي پيش ڪيو آهي
اُن جو به ذڪر ڪنداسين. ساڳئي وقت تي اتحاد ۾
شامل ڪاٻه ڌر جيڪڏهن اسان جي نقطهء نظر جي ترديد-

ڪرڻ گهري ٿي يا انکي غلط ثابت ڪرڻ گهري ٿي
۽ اسان انهن کي دعوت ڏنيداسين
۽ انهن کي اپيل ڪنداسين ته اهي اسانجي خلاف
ضرور تکن جيئن سياسي ڪارڪنن ۽ پڙهندڙن جي اڏو
صورتحال جا سبئي پاسا اچي وڃن. جيئن اهي پاڻ ئي
فيصلو ڪري سگهن ته اتحاد جي باري ۾ مختلف تنظيمن
جو موقف ۽ عمل ڇا هيو.

اجلاس جي شروعات جو يو صاحب جي
تعارفي لفظن سان ٿي جنهن جيوت راموکي ۾ پليجي
صاحب مون تي ذميداري رکي ۽ مان ليکڪ ماڻهو ڪلي
سياست سان منهنجو واسطو ناهي رهيو پر
پليجي صاحب مون تي ذميداري رکي ته مان انڪار
ڪري نه سگهيس. وري جينبڙ ۾ اها اپيل دهرائي
وئي. ڪماڻي اسان هت گڏ ٿيا آهيون. وتيڪ غلام رسول
ڏياشيدو. غلام رسول سهتو ٻڌايو ته ڪهڙين
تنظيمن سان رابطو قائم ڪيو ڪهڙيون آيون ۽ ڪهڙيون
نه آيون.

وطن دوست انقلابي پارٽي جي نمائندي
جيوت اسانکي ٻڌايو ويو هوته هي شيندو مختلف
تنظيمن جو اتحاد برهتي جيئن اتحاد کي پيش ڪيو
ٿو وڃي ان مان لڳي ٿو ته هي سنڌي ماڻهن جو
اتحاد هوندو نه ڪي تنظيمن جو انجي مهرباني-
ڪري ٿوري وضاحت ڪئي وڃي. ڇا ڳالهه هئي جيڪي

موجود آهن ته ڪي تنظيمي طور سنڌ جو آزادي جو
۽ اهي سڀئي تنظيمن جي نمائندن جي حيثيت ۾
شريڪ ٿيا آهن.

پليجي صاحب چيو ته پل تنظيمون شريڪ
ٿيون هجن پر هي اتحاد سنڌين جو آهي. اسان جي
پنهنجي پارٽي جي منظوري آهي. اسانجي صوبائي ڪميٽي
پنهنجو صوبائي آئين به ٺاهي سگهي ٿي. اسان صوبائي
معاملن ۾ آزاد آهيون مرڪز کان پڇڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

منظير چنا چيو ته سنڌي ماڻهن جو اتحاد
هئڻ گهرجي. حاڪم علي زرداري به انهن جي تائيد ڪئي.
شاه محمد شاه چيو ته اسانجي صوبائي ڪاميٽي فيصلو
ڪيو آهي ته سنڌي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. جيئو
چيو ته هي سنڌي ماڻهن جو اتحاد آهي. رشيد ڀٽي
به ساڳي ڳالهه ڪئي. قادر راٺو به چيو ته سنڌي ماڻهن
جو اتحاد آهي. سچل ميراڻي چيو ته سنڌ جي ڳنڀير
صورتحال آهي. انهي ڪري اتحاد ٿئي پوءِ اهو ماڻهن
جو هجي يا تنظيمن جو هجي.

وطن دوست انقلابي پارٽي جي نمائندي
چيو ته جيڪڏهن سنڌي ماڻهن يعني فردن جو اتحاد
آهي ته وڌيڪ نامور شخصيتون ٻيون آهن، جيڪي هتي
ناهن ٻيو ته فردن جي اتحاد جي ڳالهه ڪري اوهان
تنظيمن جي نفي ٿا ڪيو. جيڪا ڳالهه ڪا به تنظيم قبول
ڪندي. ٿيون ته ٽيهرايو تنظيمن جا نمائندا ٿا ڄيڪي-

ناھن تہ سنڌي اتحاد ۾ به مختلف قومن سان واسطو
رکندڙ فرد شامل آھن. مثلاً اسان جي پارٽي ۾
سنڌي، اردو ڳالھائيندڙ، بلوچ، پنجابي سڀئي شامل
آھن. اسان جو ھڪڙو ساٿي جيڪو پنجابي آھي سو 1983ع
واري جدوجهد ۾ جيل ويو. جنھن ڪري ان جي اسٽيل
مل مان نوڪري وئي. پوءِ سنڌ وطن دوست مزدور تنظيم
جا ڪراچي ۾ پوسٽر لڳائيندي گرفتار ٿيو ۽ مٿس تشدد
ڪيو ويو. 1986ع واري جدوجهد ۾ پوليس فائرنگ سان
کين منھن ۾ ڇرا لڳا. اھڙن ايماندار ۽ بهادر ڪارڪنن
کي اسان ھن اتحاد جي دائري مان ڪيئن تہ خارج ڪري سگهون.
ساڳي وقت اھا ڳالھ پارٽي جي پروگرام ۽ تنظيم ھڪ طرف
عمل ۾ ٻئي طرف تضاد ٿي پيدا ڪري. تنھن جي ڪري ان کي
ڪا به پارٽي قبول نہ ڪندي. واپ جي نمائندي وڌيڪ
چيو تہ خود غلام رسول سھتي اسان کي ٻڌايو آھي
تہ ھي تنظيمن جو اتحاد آھي. جويو صاحب کي مخاطب
ٿيندي واپ جي نمائندي چيو تہ جيڪڏھن اوھان
سڀن کان راءِ وٺندا تہ اوھان کي اڪثريت انھن جي
ملندي جيڪي تنظيمن جي اتحاد جي حق ۾ آھن.
غلام رسول سھتي کان پڇيو ويو جنھن
دليل لفظن ۾ چيو تہ تنظيمن جي اتحاد لاءِ چيو ويو
ھو پليجي صاحب چيو تہ ھي سنڌي ماڻھن جو
اتحاد آھي. اول اسان پاڻ ۾ ٻڌي ڪيون پوءِ ٻين
سان ڳالھيون ٿينداسين. قمر راجپر چيو تہ اصول

-اهو هوندو آهي ته جيڪو به اوهان جي پروگرام سان متفق هجي اهو اتحاد ۾ شامل ٿي سگهي ٿو.

چار ساٿي تجويز پيش ڪئي ته ڪميونسٽ پارٽي ۽ قومي محاذ آزادي کي شامل ڪيو وڃي. مير ٿيبي چيو ته ڪميونسٽ پارٽي کي مان ڪون ٿو مڃيان. حقيقي پارٽي ٻي آهي. چار چيو ته پارٽي ته اها آهي جنهن جي تجويزن مان پيش ڪيا ٿو. جيڪڏهن اوهان انهن کي جن کي اوهان تسليم ڪيو ٿا هتي شامل ڪرائڻ گهرو ٿا ته اسان ان جي تائيد ڪنداسين. ولپ جي سما ٿندي چار جي حمايت ڪئي. ان تي پليجي صاحب چيو ته ”نه مڃيان نه. اسان ڪمزور ۽ جيتا مڙا آهيون. ڪميونسٽ پارٽي تمام وڏو ٽالو آهي. اسان تي اڳ ۾ هندن جا ايجنٽ ۽ ملڪ ٽوڙڻ جا الزام آهن. اڳ ۾ ئي سات سال ٽيپ کائي آيا آهيون. وري روس جا ايجنٽ هئڻ جا الزام مڙهي ويندا. اسان اهو بار کڻي نه سگهنداسين.

جويو صاحب چيو ته دنيا ۾ ڪميونسٽ تحريڪ ڪمزور آهي. انهي پارٽيون نظريئي-

ڪونه اچن ٿيون. هڪڙا ڙا گو حلقا آهن، گروپ آهن، ٽولا
وڏا نخرا آهن، دعوائون، ڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽيون ڪميونسٽ
پارٽين جي نالي ۾ ڪم ڪونه ٿيون ڪن. بيوس اسان جو ڪميونزم
جوڙي پروگرام ڪونهي. اهو تمام گهٽو آپ جي ڳالهه آهي.
اسان نه شاونسٽ آهيون. اسان جا حق کسيا ويا آهن.
اسان جي وجود کي ختم ڪيو ٿو وڃي. هان دعوائي سان ٿو
چوان اسان سنڌي آهيون اسان شاونسٽ آهيون اسان
کي حق ڏيا ڪين. انهي ڪري ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڪميونسٽ-
تحريڪ جون ڳالهيون هتي نه آيون. ڪميونسٽ پارٽي جو ڪو
وجود ئي ڪونهي، ان جو ڪٿي ڪم ئي ڪونهي. ڪٿي ڪميونسٽ
پارٽي نظر ئي نه ٿي اچي.

چانڊيو صاحب ۽ پليجي صاحب کي جواب
ڏيندي چيو ته ڪميونسٽ پارٽي جو وجود آهي ۽ اُن
جو ڪم به آهي. پارٽيءَ وارا به آهن جيڪي ڪينون بينا آهن.

وطن دوست انقلابي پارٽي جي نمائندي
چيو ته ڪميونزم خلاف بي انتها خوف ۽ نفرت جو
اظهار، ان تي لعنت ۽ ملامت، ڇا گهرجي اڄ جوءِ اسان جو
مسئلو ناهي، پر اهو سڄي دنيا ۽ مارڪس ماءِ ان کان به
آپ جو مسئلو آهي. حڪمران، سرمائيدار ۽ رجعت پسند
گروپ اهڙان گهٽ پرهاڻي ڪميونزم جي ڪاميابي کان
ٿوءِ سڄي دنيا ۾ سامراجي، ضلعا ئي، حڪمران ۽ رجعت
پسند ڪميونزم خلاف پروپئگنڊا ۾ ورتيل نظر اچي-

- تو به اُهو مارڪس جي وقت ۾ هيو اُهوئي سبب
آهي جو مارڪس ۽ اينگلز ڪميونسٽ —
مينيفيسٽو جي شروعات ئي هنن لفظن سان ڪئي آهي
ته Scepter of communism is haunting over Europe
سڄي يورپ ''Let whole the Europe trembling.
تي ڪميونزم جو ڇمبڪ وسي رهيو آهي، جڏهن ته پل سڄو
يورپ ڏڪي.''

هاڻي سائين ماني جو وقفو ٿيو-
چاڪاڻ ته شاه محمد شاه وارن جي ۾ ڪلاڪ دير-
سان اچڻ (جنهن جو اطلاع هو فون تي ڪري چڪا
هئا) ڪري ٿيو. ماني کانپوءِ جويو صاحب قمر راجپر
جي منطقي کان شروعات ڪندي چيو ته في الوقت اُن
بحث کي جڏهن تائين ڪٽو پروگرام جو مسودو-
پڙهون تا جيڪو ملڪي ۽ پڙهڻي جي ٻن مرحلن مان
گذري چڪو آهي. وڌيڪ جيڪي اُن ۾ ترميمون
۽ تبديليون آڻڻ هجن ته اُهي تجويز ڪيون وڃن.
ڏهريون مسودو جويو صاحب ڪيو هو جنهن تي-
آءِ-اين-پي، پي-اين-پي ۽ هاري ڪاميٽي جي ڌڙن
غير رسمي گڏجاڻي ۾ ڪجهه ترميمون-
ڪيون هيون. مسودي تي مختلف ڌرين پنهنجونا
موقف پنهنجون تجويزون پيش ڪيون. واپ جي-
نمائندي چيو ته هن مسودي جا ٻئي باب آهن، ڪٽو
مسئلو جنهن ۾ تعارف پيش ڪيو ويو آهي ته اسان هي

- ڄاڻايا ٿا هيون، ٻيو آهي اُن جي تنظيمي جوڙجڪ
جي باري ۾ ٽيون حصو آهي پروگرام جو. اسان کي اُن
ٽنهي بابت ٿي اعتراض آهي. يعني مجموعي طور
تي جيڪي مسئلا کنيا ويا آهن، ۽ جن دفعن کي کنيا
ويا آهن، انهن سڀني تي، تنهن ڪري جيڪڏهن اسان
بحث ڪنداسين ته سڄي مسودي تي، تنهن لاءِ وقت
